# اتحاد، تنظيم ۽ يقين محڪم

قومن جي ترقي ۽ تنزل، ڪمال ۽ زوال جو دارومدار اتحاد تي آهي. اتحاد اهو روح آهي، جيڪو قومن کي حياتي ۽ تازگي بخشي ٿو. تاريخ شاهد آهي ته دنيا ۾ اهي ئي قومون زنده رهي سگهيون آهن، جن ۾ اتحاد جي قوت هئي، پر جنهن قوم ۾ نفاق ۽ ڦيٽاڙو هو، اها تباهه ۽ برباد ٿي ويئي. دنيا جو ڪوبه ننڍو توڙي وڏو ڪارنامو تيستائين سرانجام ڏيئي نٿو سگهجي، جيستائين پاڻ ۾ اتحاد قائم نٿو ڪجي. دنيا جون هي عظيم ايجادون، دريائن ۽ هوائن تي انسان جي حڪمراني، سج جي توانائيءَ مان فائدا حاصل ڪرڻ ۽ زمين مان خزانا ڪوٽي ڪيڻ، اهي سڀ عمل انسان لاءِ تڏهن آسان ٿيا، جڏهن هن پاڻ کي اتحاد جي زيور سان سينگاريو.

اسلام ۾ اتحاد کي خاص اهميت ڏنل آهي. قرآن شريف ۾ ارشاد آهي ته "الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو ۽ ٽولا ٽولا نه ٿيو." اسان جي پياري وطن پاڪستان جي بانيءَ قائدِاعظم محمد علي جناح پاڪستان جي پهرين سالگرهه جي موقعي تي قوم جي نالي پيغام ڏيندي فرمايو هو ته "هن وقت قوم نهايت نازڪ دَور مان گذري رهي آهي. ان ڪري قوم کي اتحاد، تنظيم، يقين محڪم ۽ عمل پيهم جي ضرورت آهي." قوم جي ان فرض شناس رهبر انهيءَ حقيقت کي صحيح طور سڃاتو هو ته جيستائين اسان پاڪستاني رنگ، نسل، زبان، رسم ۽ رواج جا ويڇا وساري هڪ پاڪستاني قوم نه

ڏينداسين، تيستائين اسان جو پيارو وطن ساراهہ جوڳي ترقي ڪري نہ سگھندو. ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ هميشه عمل جي ضرورت هوندي آهي؛ پر صحيح عمل تڏهن ڏيندو، جڏهن قوم ۾ مڪمل اتحاد هوندو. هر ڪنهن قومي عمل يا ارادي جي پورائي لاءِ رٿابندي ۽ تنظيم جي ضرورت هوندي آهي.

قومن جي ترقيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ، اتحاد کان پوءِ تنظيم جي ضرورت هوندي آهي. فوج جو ئي ڪٿي مثال وٺو. فرض ڪريو تہ ڪنهن فوج ۾ اتحاد ۽ اتفاق آهي، طاقت آهي، جنگي ساز و سامان بہ گھڻو آهي، پر جيڪڏهن انهيءَ فوج ۾ تنظيم نہ آهي تہ اها جنگ جي ميدان ۾ ڪاميابيءَ جي بجاءِ شڪست جو منهن ڏسندي.

قومن جي ترقيءَ ۽ سربلنديءَ لاءِ ارادي جي پختگي يعني يقين محڪم جي بہ ضرورت هوندي آهي. جيستائين ڪنهن قوم کي پنهنجي عمل تي مڪمل يقين ۽ ان جي صداقت ۾ مڪمل ڀروسو نہ آهي، تيستائين اها قوم اتحاد ۽ تنظيم جي خوبيءَ هوندي بہ هن دنيا ۾ ڪو نمايان ڪم ڏيکاري نہ سگھندي. دنيا جون هي عظيم الشان عمارتون، باغ ۽ باغيچا، سُهڻيون بازاريون، انوکيون مشينون ۽ ٻيون سائنسي ايجادون، جي اسان لاءِ عيش ۽ آرام جو سامان مهيا ڪن ٿيون، سي سڀ انسان پنهنجي مسلسل عمل ۽ مستقل ارادي، يعني عمل پيهم ۽ يقين محڪم سان وجود ۾ آنديون آهن.

دنيا جا نامور اڳواڻ ۽ سپهہ سالار، جن پنهنجي قومن کي عزت ۽ عظمت جو مقام ڏيکاريو آهي، سي سيئي مستقل ارادي ۽ يقين محڪم وارا هئا. انهن عظيم انسانن پنهنجي پُختي يقين ۽ لاڳيتي ڪوشش سان قومن ۾ اتحاد آڻي، ڪين

تنظيم جي قوت سان طاقتور ڪري، دنيا ۾ سرخرو ۽ سرفراز بڻايو آهي. ٽرڪيءَ جي عظيم رهنما غازي ڪمال اتاترڪ ۽ ننڍي کنڊ پاڪ- هند جي مسلمان رهنما قائدِاعظمؒ جا مثال اسان جي اکين آڏو آهن، ته ڪيئن نه انهن اڳواڻن ارادي جي قوت ۽ پختي يقين سان پنهنجي قومن کي آزاديءَ جي سعادت سان همڪنار ڪيو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- اتحاد نه هئڻ ڪري قوم کي ڪهڙو نقصان ٿيندو؟

2- اتحاد مان ڪهڙا فائدا آهن؟

3- تنظيم ڇو ضروري آهي؟

4- يقين محڪم ڇا کي ٿو چئجي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

تنظيم – سرفراز – احترام – عمل پيهم – ويڇا.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

آسمان – رهبر – صحيح – ڪاميابي.

(د) ڪنهن به ماڻهوءَ يا شيءِ وغيره جي ذاتي خاصيت، حالت يا ڪم تي رکيل نالي کي اسم ذات چئجي ٿو؛ توهين ڪي به اهڙا پنج اسم لکي ڏيکاريو.